### قرآني بيان

# زمين ۾ فساد نه پکيڙيو

مدني مراڪز (فيضانِ مدينه) ۽ شعبه امام مساجد (دعوتِ اسلامي) جي تحت مسجدن جي لاءِ

**25-April-2025**



## جمعة المبارک جو

(For Islamic Brothers)

مدني مراڪز (فيضانِ مدينہ) ۾ شعبہ امام مساجد (دعوتِ اسلامي) جي تحت مسجدن جي لاءِ
25 اپريل، 2025ء (متوقع اسلامي تاريخ 26 شوال، 1446ھ) جمعة المبارڪ جو

قرآني بيان

بنام

# زمين ۾ فساد نہ پکيڙيو

هن بيان ۾ توهان ڄاڻي سگهندؤ...

✿... سڀ کان وڏيڪ نقصان ۾ ڪير...؟

✿... فسادن جي شروعات ڪيئن ٿي...؟

✿... نافرماني آفتن ۽ بلائن جو سبب آهي

✿... جانور لعنت موڪليندا آهن...!

پيشکش

اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيَّة

Islamic Research Center

(شعبہ: بياناتِ دعوتِ اسلامی)

FOR FEEDBACK
(+92) 315 2692 786

GET MORE SPEECHES
(+92) 310 8882 033

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيّٖنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

## درودِ پاڪ جي فضيلت

فرمانِ آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن کي ڪا سخت حاجت درپيش هجي، ان کي گهرجي تہ مون تي ڪثرت سان درود شريف پڙهي، ڇوتہ درودِ پاڪ ڏک، درد ۽ مصيبتن کي دور ۽ رزق ۾ اضافو ڪندو آهي.[1]

ہے سب دعاؤں سے بڑھ کر دُعا درود و سلام | کہ رفع کرتا ہے ہر اِک بلا دُرود و سلام

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

وَ اِذَا قِيْلَ لَهُمْ لَا تُفْسِدُوْا فِي الْاَرْضِ ۙ قَالُوْۤا اِنَّمَا نَحْنُ مُصْلِحُوْنَ ﴿۱۱﴾

اَلَاۤ اِنَّهُمْ هُمُ الْمُفْسِدُوْنَ وَ لٰكِنْ لَّا يَشْعُرُوْنَ ﴿۱۲﴾

صَدَقَ اللهُ الْعَظِيْم وَصَدَقَ رَسُوْلُهُ النَّبِيُّ الْكَرِيْم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

پيارا اسلامي ڀائرو! منافقن جي ڪارستانين ۽ انهن جي بُري ڪردار جو تذڪرو جاري آهي. الله ڪريم سورة بقره جي شروعات ۾ ڪُل 13 آيتن ۾ منافقن جي عيبن جو ذڪر فرمايو آهي تہ جيئن مسلمان انهن کي چڱيءَ طرح سڃاڻي وٺن، انهن جي شر کان بچن ۽ ان جهڙن بُرن عملن کان بہ هر وقت بچندا رهن، هاڻي تائين اسان انهن 13 آيتن مان 3 آيتون ۽ انهن جي

1...بُستان الواعظين، صفحہ:241۔

مختصر وضاحت ٻڌي چڪا آهيون. انهن 3 آيتن ۾ بنيادي طور تي منافقن جا 4 عيب بيان ٿيا آهن. (1): منافقن جي ظاهر ۽ باطن ۾ تضاد آهي، هي دل ۾ ڪفر رکندا آهن ۽ زبان سان ڏيکاءَ طور ڪلمو پڙهندا آهن. (2): هي بدبخت اللّٰه پاڪ ۽ اهلِ ايمان کي ڌوکو ڏيڻ جي ڪوشش ۾ آهن، پر حقيقت هي آهي تہ خود فريبي (يعني پاڻ کي ئي ڌوکو ڏيڻ) ۾ مصروف آهن. (3): انهن جي دلين ۾ شڪ ۽ حسد جي بيماري آهي. (4): ۽ هي بد انجام اللّٰه ۽ رسول جي حضور ۾ ڪوڙ ڳالهائڻ جي ناپاڪ جسارت بہ ڪندا آهن.

انهيءَ سلسلي جون بہ آيتون (آيت: 11 ۽ 12) اڄ اسان ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪئي، انهن ٻن آيتن ۾ منافقن جي هڪ ٻئي عيب جو ذڪر آهي، مفهوم جو خلاصو هي آهي تہ نفاق جي سبب انهن منافقن جي مت ماري وئي آهي، انهن جي عقل ۽ سمجهہ بلڪل بيڪار ٿي چڪي آهي، هي باهہ کي پاڻي ۽ پاڻي کي باهہ سمجهي رهيا آهن. يا هيئن چئو تہ پوئين آيتن ۾ ٻڌايو ويو هو تہ منافق خود فريبي ۾ مبتلا آهن، هتي انهن جي خود فريبي جو هڪ مثال ڏنو پيو وڃي، جيئن تہ اللّٰه پاڪ منافقن جي هڪ سڃاڻپ ٻڌائيندي فرمايو:

وَ اِذَا قِیْلَ لَهُمْ | ترجمو ڪنزُالعرفان: ۽ جڏهن انهن کي چيو وڃي.

يعني ڪو سچو پڪو مسلمان، عقلِ سليم رکڻ وارو انهن جي بُرن ڪمن کي ڏسي ڪري جڏهن انهن کي چوي:[1]

لَا تُفْسِدُوْا فِی الْاَرْضِۙ | ترجمو ڪنزُالعرفان: زمين ۾ فساد نہ ڪيو

جڏهن ڪا نصيحت ڪئي وڃي تہ انسان کي گهرجي تہ سامهون واري جي ڳالهہ توجهہ سان ٻڌي، ڪجهہ غور و فڪر ڪري، سنجيدگيءَ سان ڏسي وٺي تہ منهنجو جيڪو عيب مون کي ٻڌايو پيو وڃي، ڪٿي واقعي اهو عيب مون ۾ آهي تہ نہ؟ جيڪڏهن واقعي اهو عيب هجي تہ ان کي دور ڪري ڇڏڻ گهرجي. پر هي منافق هئا، انهن جي دلين ۾ بيماري هئي، انهن جي عقل ۾ فتور اچي چڪو هو:

1...بيضاوى مع حاشيہ شيخ زاده،پاره:1 ،سورهٔ بقره،زيرِ آيت:11،جلد:1 ،صفحہ:281۔

| | |
|---|---|
| قَالُوۡۤا اِنَّمَا نَحۡنُ مُصۡلِحُوۡنَ ﴿۱۱﴾ | ترجموڪَنْزُالعرفان: تہ چوندا آهن اسان تہ صرف اصلاح ڪرڻ وارا آهيون |

ان کي چوندا آهن: اُبتو چور ياڳيئي کي دڙڪا ڏئي، انهن کي چيو ويو: توهان زمين ۾ فساد نہ پکيڙيو...! پر هي اهڙا بدبخت آهن جو پنهنجي غلطي مڃڻ بدران سمجهائڻ واري کي چون ٿا: اسان تہ زمين ۾ فساد پکيڙيون ئي نٿا، اصل فسادي تہ توهان آهيو، اسان فسادي ناهيون بلڪ اسان ئي تہ آهيون جيڪي فساد ختم ڪري رهيا آهيون. اللہ پاڪ فرمايو:

| | |
|---|---|
| اَلَاۤ اِنَّهُمۡ هُمُ الۡمُفۡسِدُوۡنَ وَلٰكِنۡ لَّا يَشۡعُرُوۡنَ ﴿۱۲﴾ | ترجموڪَنْزُالعرفان: ٻڌو! بيشڪ اهي ئي ماڻهو فساد پکيڙڻ وارا آهن پر انهن کي شعور ناهي. |

يعني انهن منافقن جي دل ۾ بيماري آهي ۽ هي بيماري انهن تي ايتري قدر غالب اچي چڪي آهي جو انهن کي بُري ڀلي جي تميز بہ ناهي رهي. هي آهن فسادي، زمين ۾ فساد پکيڙيندا آهن، باهہ ۽ پاڻيءَ کي گڏ ڪرڻ جي ڪوشش ۾ آهن پر سمجهي هي رهيا آهن تہ اسان فسادي ناهيون بلڪ اصلاح ڪرڻ وارا آهيون.

هي آهي منافقن جو هڪ عيب تہ انهن جي عقل ۾ فتور اچي چڪو آهي ۽ بُري ڀلي جو فرق سڃاڻڻ کان بہ انڌا ٿي چڪا آهن. اللہ ڪريم اسان کي اهڙي نحوست کان محفوظ فرمائي. اٰمِيۡن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## آيتِ ڪريمہ مان ملندڙ سبق

پيارا اسلامي ڀائرو! هي ٻہ قرآني آيتون اسان ٻڌڻ ۽ سمجهڻ جي ڪوشش ڪئي. انهن مبارڪ آيتن مان اسان کي ڪيترين ئي ڳالهيون سکڻ لاءِ ملن ٿيون:

## (1) چڱائيءَ کي چڱائي ۽ برائيءَ کي برائي ئي سمجهو!

سڀ کان پهرين ۽ تمام ضروري ڳالھ ھي سکڻ لاءِ ملي تہ اسان کي هميشہ حقيقت پسند رهڻ گهرجي. منهنجي دماغ ۾ ڇا هلي رهيو آهي، منهنجي سوچ، منهنجو نظريو ڇا آهي، ھي ڳالھ اهم ناهي. اهم ھي آهي تہ اصل حقيقت ڇا آهي؟ اسان زميني حقيقتن (Ground Reality) کان انڪار نٿا ڪري سگهون. اهو ئي منافقن جو عيب هو، هي زميني حقيقتن(Ground Reality) جو انڪار ڪري رهيا هئا. هي جيڪو ڪجھ ڪري رهيا هئا، ان سان ٺيڪ ٿي رهيو هو؟ فساد پکڙجي رهيو هو، پر منافق سمجهي رهيا هئا؟ اسان فساد کي ختم ڪري رهيا آهيون.

هي تمام وڏو عيب آهي، ان کي جَهلِ مُرَکَّب چوندا آهن. جهالت پاڻ هڪ عيب آهي، پوءِ ان ۾ بہ وڏيڪ درجا هوندا آهن (1): هڪ هوندو آهي جَهلِ مُطلَق: يعني اهڙو ماڻهو جيڪو آهي جاهل ۽ اهو پاڻ کي جاهل بہ سمجهي ٿو. اهڙو شخص پنهنجي اصلاح جي ڪوشش ڪري وٺندو آهي، سمجهائڻ سان هدايت جي راهہ تي اچي ويندو آهي، جڏهن ان کي پنهنجي جهالت جو احساس ٿيندو آهي تہ علمِ دين سکڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳندو آهي، پاڻ کي عالم سمجهي خطائون ناهي ڪندو. (2) ۽ ٻيو هوندو آهي جَهلِ مُرَکَّب: يعني اهو شخص جيڪو آهي جاهل پر پاڻ کي عالم سمجهي وينو آهي. هي تمام وڏو عيب آهي، ظاهر آهي جڏهن انسان پنهنجي عيب کي ئي هنر سمجهي ويهي تہ ان کي سمجهائڻ، ان جو هدايت جي راهہ تي اچڻ نهايت ڏکيو ٿي ويندو آهي. هي ڪافرن جو وصف آهي تہ اهي پنهنجي بُرن ڪمن کي سنو سمجهي رهيا هوندا آهن. الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ فرمائي ٿو:

زُيِّنَ لَهُمۡ سُوٓءُ اَعۡمَالِهِمۡ ؕ

(سيپارو:10، سوره توبہ: 37)

ترجموڪنزُالعرفان: انهن جا بُرا ڪم انهن جي لاءِ سينگاريا ويا.

## سڀ کان وڏيڪ نقصان ۾ ڪير...؟

توهان کي معلوم آهي: روزِ قيامت سڀ کان وڏيڪ نقصان ۾ ڪير هوندو؟ الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ فرمائي ٿو:

قُلْ هَلْ نُنَبِّئُكُمْ بِالْاَخْسَرِيْنَ اَعْمَالًا ﴿۱۰۳﴾ اَلَّذِيْنَ ضَلَّ سَعْيُهُمْ فِي الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا وَهُمْ يَحْسَبُوْنَ اَنَّهُمْ يُحْسِنُوْنَ صُنْعًا ﴿۱۰۴﴾

(سيپارو: 16، سوره ڪهف: 103، 104)

ترجمو ڪنزُالعرفان: اوهان فرمايو ڇا اسان توهان کي ٻڌايون تہ سڀ کان وڌيڪ ناقص عمل وارا ڪير آهن؟، اُهي ماڻهو جن جي سڄي ڪوشش دنيا جي زندگيءَ ۾ ئي ضايع ٿي وئي جڏهن تہ اهي هي گُمان ڪري رهيا آهن تہ هُو سٺو ڪم ڪري رهيا آهن.

هي آهي اهو بد نصيب جيڪو قيامت جي ڏينهن سڀ کان وڌيڪ نقصان ۾ هوندو. اهو ڪير آهي؟ اهو جيڪو دنيا ۾ پنهنجي طور تي نيڪيون ڪندو رهيو، هي سمجهندو رهيو تہ منهنجي اعمال نامي ۾ تہ ڪافي نيڪيون جمع ٿي رهيون آهن، مان تہ آخرت جي ڪافي تياري ڪري رهيو آهيان. پر جڏهن اهو قبر ۾ لهندو، قيامت جي ڏينهن الله ڪريم جي بارگاهہ ۾ پهچندو، جڏهن ان جي هٿ ۾ اعمال نامو ڏنو ويندو، تڏهن خبر پوندي تہ مان جيڪي ڪمَ نيڪي سمجهي ڪندو رهيو آهيان، اهي تہ نيڪي هئا ئي نہ، اهي سڀ گناهہ جا ڪمَ هئا. مان جنت جي تياري ڪري رهيو هيس پر ڪم سڀ اهي ڪيا جيڪي جهنم ۾ وڃي وڃڻ وارا هئا. هي سڀ کان وڌيڪ نقصان ۾ آهي. ان ڪري اسان کي گهرجي تہ اسان پنهنجين اکين تي پردا نہ اچڻ ڏيون، اسان جيڪو ڪري رهيا آهيون، ان بابت باقاعده قرآن و حديث جي روشنيءَ ۾، علماءِ ڪرام کان پڇي پڇي ديني معلومات حاصل ڪيون، اسان کي يقين سان معلوم هجڻ گهرجي تہ جيڪو مان ڪري رهيو آهيان اهو واقعي نيڪيءَ جو ڪم آهي. ڪٿي ائين نہ ٿئي جو اهو ڪم اصل ۾ گناهہ جو هجي ۽ اسان ان کي نيڪي سمجهي ڪندا وڃون.

## گناهہ کي نيڪي سمجهڻ جا ٻہ مثال

افسوس جي ڳالهہ آهي، اسان جي معاشري ۾ ائين ٿي رهيو آهي، ديني معلومات جي تمام گهٽي گهٽتائي آهي، ڪيترا ئي اهڙا ڪم آهن جيڪي اصل ۾ گناهہ آهن يا فضول آهن پر ماڻهو اهي ڪم نيڪي سمجهي ڪري رهيا هوندا آهن: مثال طور گهرن ۾ عورتون ڌهن بيبين جي ڪهاڻي

پڙهنديون آهن، ان لاءِ باقاعده باسون باسينديون آهن، عورتن کي جمع ڪنديون آهن، مِنيءَ (شيءِ) جو اهتمام ٿيندو آهي، پوءِ نيڪي سمجهي اها ڏهن بيبين جي ڪهاڻي پڙهي ويندي آهي. اصل ۾ هي ڏهن بيبين جي ڪهاڻي ڇا آهي؟ نِسورو ڪوڙ آهي، هٿ نوڪيون ڳالهيون آهن، ان ۾ نيڪي واري ڪا بہ ڳالهہ ناهي، نہ ان جي ڪا شرعي حيثيت آهي، بس وقت ئي ضايع ٿيندو آهي، اهڙي طرح اسان وٽ صدقي جو هڪ عجيب مفهوم لڌو ويندو آهي. قرآن و حديث ۾ صدقي جا تمام گهڻا فضائل آيا آهن. اسان وٽ ماڻهو ڇا ڪندا آهن؟ صدقو ڪرڻو آهي تہ بازار مان 2، 4 ڪلو گوشت ورتو، جنهن جو صدقو ڏيڻو آهي، ان جي مٿان گهوريو ۽ ائين ئي ڪچو گوشت قبرستان ۾ اڇلائي آيا. هي صدقو ٿي ويو، الله پاڪ جي پناهہ!!...

هاڻي جتي گوشت اڇلايو آهي، جيڪڏهن اتي گوشت کائيندڙ جانور هجن ۽ اهي گوشت کائي وٺن، پوءِ تہ خير آهي، نہ تہ ضايع ٿي ويندو ۽ کائڻ پيئڻ جون شيون ضايع ڪرڻ گناهہ جو ڪم آهي. الله پاڪ فرمائي ٿو:

اِنَّ الْمُبَذِّرِیْنَ كَانُوْۤا اِخْوَانَ الشَّیٰطِیْنِؕ

(سيپارو: 15، سوره بني اسرائيل: 27)

ترجموڪنزُالعرفان: بيشڪ فضول خرچي ڪندڙ شيطانن جا ڀائر آهن.

خير! ماڻهو هي ڪم ڇو ڪندا آهن؟ نيڪي سمجهي ڪري، حقيقت ۾ ڇا آهي؟ گناهہ جو ڪم. اصل ۾ صدقو هي آهي تہ رقم يا ڪا ٻي شيءِ، مثال طور جيڪڏهن گوشت جو ئي صدقو ڏيڻو آهي تہ اهو گوشت ڪنهن غريب کي ڏئي ڇڏجي، مدرسي ۾ شاگردن کي کارائي ڇڏجي. اهڙي طرح مسجد ۾ چندو ڏئي ڇڏڻ، مدرسي ۾ چندو ڏئي ڇڏڻ، دعوتِ اسلامي جي ديني ڪمن ۾ حصو شامل ڪري ڇڏڻ وغيره، هي صدقو آهي.

خير! اسان کي حقيقت پسند بڻجڻ گهرجي، اهي ڪمَ ڪيون جيڪي واقعي نيڪ ڪم آهن. جهالت جي بنياد تي ماڻهو گناهہ کي نيڪي سمجهي ويهندا آهن. ان ڪري اسان کي علمِ دين سکڻ گهرجي، عاشقانِ رسول علماءِ ڪرام کان پڇي پڇي هلڻ گهرجي. الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي.

# فَسَاد فِي الاَرْض ڇا آهي؟

پيارا اسلامي ڀائرو! اللّٰه ڪريم فرمايو:

وَ اِذَا قِيْلَ لَهُمْ لَا تُفْسِدُوْا فِي الْاَرْضِ ۙ (سيپارو:1، سوره بقره: 11)

ترجمو ڪنزُ العرفان: ۽ جڏهن انهن کي چيو وڃي تہ زمين ۾ فساد نہ ڪيو.

يعني منافقن کي چيو ويندو آهي تہ توهان زمين ۾ فساد نہ ڦهلايو! هاڻي هتي هڪ بنيادي سوال ذهن ۾ اچي ٿو تہ آخر منافق اهڙو ڪهڙو ڪم ڪندا هئا، جنهن ڪان انهن کي روڪيو ويو ۽ چيو ويو تہ هي ڪم فساد جو آهي، لهٰذا توهان هي نہ ڪيو! ان ضمن ۾ مفسرينِ ڪرام منافقن جي ڪجهہ ڪمن جي نشاندهي ڪئي آهي.

## (1): غير مسلمن سان دوستي رکڻ

منافقن جو هڪ بُرو ڪم هي هو تہ هي ماڻهو مسلمانن سان بہ دوستيءَ جو اظهار ڪندا هئا ۽ ساڳئي وقت غير مسلمن سان بہ محبت رکندا هئا، انهن سان بہ ميل جول ڪندا هئا.[1] جڻ تہ انهن جو ڪردار اهڙو هو جو:

باغباں بھی خوش رہے، راضی رہے صَیَّاد بھی

يعني هي بدبخت هڪ طرف تہ مسلمانن کي خوش رکڻ لاءِ انهن سان دوستيءَ جو اظهار ڪندا هئا، ٻئي طرف پنهنجن غير مسلم آقائن کي بہ راضي رکڻ چاهيندا هئا ۽ چوندا هئا تہ اسان اصلاح چاهيون ٿا، اسان ڪنهن سان بہ نفرت نٿا ڪيون، اسان سڀني سان ئي تعلق جوڙي رکون ٿا. ان تي انهن کي چيو ويو تہ توهان جو هي بُرو عمل اصلاح ناهي بلڪ فساد آهي.

هي وڏي واضح ڳالهہ آهي ۞باهہ ۽ پاڻيءَ کي جمع نٿو ڪري سگهجي. جيڪڏهن اسان باهہ ۽ پاڻيءَ کي گڏ ڪرڻ جي ڪوشش ۾ لڳنداسين تہ باهہ پاڻيءَ کي ساڙي ڇڏيندي، پاڻي باهہ کي وسائي ڇڏيندو، نتيجي طور نہ باهہ

1...تفسيرِ ڪبير،پاره:1 ،سورهٔ بقره،زيرِ آيت:11 ،جلد:1 ،صفحه:306۔

رهندي، نہ پاڻي بچندو ❁بجليءَ جون بہ تارون هونديون آهن، هڪ ٿڌي، هڪ گرم. هي بئي الڳ الڳ رهن تہ بلب ٻرندو آهي، جيڪڏهن بئي ملي وڃن تہ بجليءَ جو سرڪٽ سڙي ويندو آهي. اهڙي طرح جنهن سان الله ۽ رسول محبت رکڻ جو فرمايو آهي، ان سان محبت ۽ جنهن کان بيزاريءَ جو حڪم ڏنو آهي، ان کان بيزار ٿينداسين تہ معاشرو سڌي رستي تي رهندو. جيڪڏهن هي فرق ختم ڪري ڇڏينداسين تہ فساد پکڙجي ويندو، معاشرو تباهہ و برباد ٿي ويندو.

## محبت ۽ نفرت ٻئي ضروري آهن

پيارا اسلامي ڀائرو! هن مان معلوم ٿيو تہ بُرن ماڻهن کان بيزاريءَ جو اظهار ڪرڻ بہ ضروري آهي. وڏي افسوس جي ڳالهہ آهي تہ اڄڪلهہ ڪجهہ ماڻهو اهڙا آهن جيڪي چون ٿا: ڪنهن کي بُرو نہ سمجهو! سڀ پنهنجي پنهنجي جاءِ تي نيڪ آهن.

لَاحَوْلَ وَلَا قُوَّةَ اِلَّا بِاللّٰهِ، آخر هي ڪيئن ٿي سگهي ٿو تہ سڀ ئي نيڪ هجن؟ هڪ مسلمان آهي، هڪ غير مسلم آهي، ٻئي نيڪ ڪيئن هوندا؟ هڪ الله پاڪ کي مڃڻ وارو آهي، ٻيو الله پاڪ جو انڪار ڪرڻ وارو آهي، ٻئي ڪيئن نيڪ هوندا؟ هڪ سچو آهي، ٻيو ڪوڙو آهي هڪ نمازي آهي، ٻيو بي نمازي آهي هڪ ماءُ پيءُ جا هٿ چمڻ وارو آهي، ٻيو ماءُ پيءُ کي گاريون ڏيڻ وارو آهي، آخر هي ٻئي نيڪ ڪيئن ٿي سگهن ٿا؟ يقيناً انهن مان هڪ غلط آهي ۽ جيڪو غلط آهي، ان کان بيزاريءَ جو اظهار ڪيو ويندو. جيڪڏهن اسان هي نہ ڪنداسين تہ زمين ۾ فساد پکڙجي ويندو.

## بني اسرائيل جو هڪ برو وصف

حضرت عبدُ الله بن مسعود رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ کان روايت آهي، الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّی اللّٰہُ عَلَيْهِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: بني اسرائيل ۾ جيڪو سڀ کان پهريان نقصان آيو، اهو هي هو تہ هڪ شخص ٻئي سان ملندو ۽ ان کي ڪنهن گناهہ ۾ ڏسي ڪري ان کي برائي کان منع ڪندو هو، ٻئي ڏينهن ٻيهر

ان کي گناھ ڪندي ڏسندو ھو تہ ان سان پنھنجن تعلقات، کائڻ پيئڻ ۽ ميل جول جي ڪري ان کي منع نہ ڪندو ھو، جڏھن (عام طور تي) انھن ائين ڪيو تہ اللّٰہ پاڪ انھن جون دليون بہ انھن جھڙيون ڪري ڇڏيون (يعني نافرمانن جي نحوست سبب فرمانبردارن جون دليون بہ اھڙيون ئي ٿي ويون).[1]

اَلْاَمان وَالْحفيظ! غور فرمايو! جڏھن اسان برائي کي برائي سمجھي ئي نہ رھيا ھونداسين، ان کان نفرت ۽ بيزاري ئي نہ رکنداسين تہ ان کان منع ڪيئن ڪنداسين؟ جڏھن اسان برائي کان منع نہ ڪنداسين تہ نتيجي ۾ اھا برائي پکڙجندي ويندي، آخرڪار ھڪ وقت ايندو جو انھيءَ برائي کي چڱائي سمجھيو ويندو. ايئن معاشري ۾ برايون عام ٿي ويندیون ۽ معاشرو تباھ ۽ برباد ٿي ويندو.

## فسادن جي شروعات ڪيئن ٿي...؟

زمين ۾ فسادن جي شروعات ائين ئي ٿي ھئي، قابيل جنھن حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام جي پٽ حضرت ھابيل رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه کي شھيد ڪيو ھو، بعد ۾ ان ڪيئي برا ڪم ڪيا، ان شرڪ ۽ ڪفر جو رستو بہ اختيار ڪيو، ان جي اولاد ۾ زنا، شراب ۽ فتنو فساد بہ پکڙجي ويا. جڏھن حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام قابيل ۽ ان جي اولاد جو اھڙو برو حال ڏٺو تہ سندن حضرت شِيث عَلَيْهِ السَّلَام کي وصيت فرمائي تہ قابيل ۽ ان جي اولاد کان مڪمل طور تي بائيڪاٽ رکيو وڃي، ان سان نڪاح وغيره رشتيداريون بہ نہ ڪيون وڃن. حضرت شيث عَلَيْهِ السَّلَام ان نصيحت تي پورو پورو عمل ڪيو، پوءِ ھڪ عرصي تائين سندن اولاد بہ ان تي عمل ڪندو رھيو، ايمان وارن جو قابيل ۽ ان جي اولاد سان ڪنھن بہ قسم جو ڪوبہ تعلق نہ ھو، جنھن جي بدولت معاشرو نھايت پرسڪون ھو، ڪا برائي، فتنو فساد وغيره معاشري ۾ نہ ھو، پوءِ ڪافي عرصو گذري وڃڻ کان بعد ماڻھن حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام جي وصيت کي وساري ڇڏيو، ايمان وارن قابيل ۽ ان جي اولاد (جيڪي سڀ ئي غير مسلم ھئا، انھن) کان نفرت ختم ڪري ڇڏي، آھستہ آھستہ اچ وڃ شروع ٿي، پوءِ انھن جون پاڻ ۾ رشتيداريون ٿيڻ لڳيون، پوءِ انھن رشتيدارين محبت جو رنگ

1...ابو داؤد ،کتاب الملاحم،باب الامر و النہی ،صفحہ:681،حديث:4336۔

اختيار ڪيو، آخرڪار قابيل ۽ ان جي اولاد جو ڪفر ۽ انهن جون ٻيون برايون معاشري ۾ سمائجي ويون، پوءِ اهو وقت بہ آيو جو ماڻهن ڪفر ۽ گناهہ جي انهيءَ رستي کي درست سمجهي ورتو، ايستائين جو زمين ڪفر ۽ گناهہ سان ڀرجي وئي، تڏهن اللّٰہ پاڪ حضرت نوح عَلَيْهِ السَّلَام کي موڪليو، پاڻ ساڍا 9 سئو سال ماڻهن کي نيڪي جي دعوت ڏيندا رهيا، انهن کي انهن جي اصل دين، اصل راهِ هدايت جي طرف سڏيندا رهيا پر ماڻهن جون دليون ڪفر تي پڪيون ٿي چڪيون هيون، هاڻي اهي ماڻهو غلط رستي کي ئي درست سمجهي وينا هئا، آخر اهو ئي ٿيو جيڪو ٿيڻو هو، اللّٰہ پاڪ سيلاب جو عذاب موڪليو، جنهن سڀني ڪافرن کي تباهہ ۽ برباد ڪري ڇڏيو.[1]

هي آهي زمين ۾ فساد...!! ان جي شروعات ڪٿان ڪان ٿي؟ اها نفرت ۽ بيزاري جيڪا قابيل جي اولاد کان رکڻ جي حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام نصيحت فرمائي هئي، جڏهن دلين مان اها نفرت ۽ بيزاري ختم ٿي تہ فساد پکڙجڻ شروع ٿي ويو. ان ڪري اسان سڀني کي گهرجي تہ اسان برائي کا نفرت ئي ڪندا رهون.

## گناهہ کان بيزاري جو اظهار ڪيو!

پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: مَنْ رَاٰى مُنْكَرًا فَلْيُغَيِّرْهُ بِيَدِهٖ جيڪو برائي کي ڏسي تہ ان کي پنهنجي هٿ سان مَٽائي ڇڏي، جيڪڏهن هٿ سان نٿو مٽائي سگهي فَبِلِسَانِهٖ تہ پنهنجي زبان سان مٽائي ۽ جيڪڏهن زبان سان بہ نٿو مٽائي سگهي فَبِقَلْبِهٖ تہ ان برائي کي پنهنجي دل ۾ بُرو ڄاڻي ۽ فرمايائون: هي ايمان جو سڀ کان ڪمزور درجو آهي.[2]

ڏسو! ڪيڏو واضح اشارو آهي، ڪوبہ مسلمان جڏهن ڪابہ برائي ڏسي، جيتوڻيڪ اها عقيدي جي برائي هجي، جيتوڻيڪ اها عمل جي برائي هجي، ڪردار جي برائي هجي يا گفتار جي برائي هجي، اسان مان هر هڪ جي

1...تاريخِ طبری،جلد:1 ،صفحہ:105 مفصلاً۔
2...ابنِ ماجہ،کتاب اقامۃ الصلاۃ و السنۃ فیہا،باب ما جاء فی صلاۃ العیدین،صفحہ: 207،حدیث:1275۔

ذميداري آهي تہ ان برائي جي ڪاٽ ڪيون، جيڪڏهن هي نہ ٿا ڪري سگهون تہ گهٽ ۾ گهٽ ان برائي کان نفرت تہ لازمي ڪرڻي پوندي.

## (2): چغلي هڻڻ

منافقن جو ٻيو بُرو عمل جنهن کي فساد في الارض (يعني زمين ۾ فساد چيو ويو، اهو هي آهي تہ منافق چغليون هڻندا هئا.[1] صحابہءِ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ عَنْھم سان گڏ رهندا هئا، انهن کان جيڪي ڳالهيون ٻڌندا هئا، اهي فساد پکيڙڻ جي لاءِ غير مسلمن تائين پهچائيندا هئا.

هن مان خبر پئي: چغلي جي ڪري زمين ۾ فساد پکڙجندو آهي ۽ هيءَ حقيقت آهي، چغلي جي سبب پائر پائر کان جُدا ٿي ويندا آهن، والدين ۽ اولاد ۾ نفرت پيدا ٿي ويندي آهي، دوست دوست کان وڙهي پوندو آهي. چغلي جا اهڙا اهڙا نقصانات آهن جو بَس! الله جي پناه...!!

## ڳالھ وڃي قتل تائين پهتي

هڪ شخص هو، ان کي ڪم ڪار جي لاءِ هڪ غلام جي ضرورت پيش آئي (اڄڪلھ ٿي نوڪر پگهار تي رکيا ويندا آهن، اڳين زماني ۾ باقاعده پيسن سان غلام خريد ڪيا ويندا هئا)، جيئن تہ اهو غلام خريد ڪرڻ ويو، ان کي هڪ غلام پسند آيو، ان مالڪ کان قيمت طئي ڪئي، مالڪ چيو: هن ۾ ڪو عيب ناهي، البت! هن کي چغلخوري جي عادت آهي. اُن شخص کي ديني معلومات گهٽ هئي، جيئن تہ ان اهو غلام خريد ڪيو، هاڻي اهو غلام پنهنجي آقا جي خدمت ۾ رهڻ لڳو، ڪجھ ڏينهن گذريا تہ ان جي چغلخوري جي رگ ڦڙڪي، هڪ ڏينهن اهو پنهنجي آقا جي گهرواري وٽ ويو ۽ چيائين: بيگم صاحبہ! مونکي افسوس آهي تہ اوهان جي مڙس کي اوهان سان ٿوري بہ محبت ناهي رهي، هاڻي هو ٻيءَ شاديءَ جي چڪر ۾ آهي پر اوهان پريشان نہ ٿيو، مون وٽ ان جو حل بہ آهي. اوهان بس پنهنجي مڙس جي ڪنڌ جا وار ڪٽي ڪري مونکي ڏئي ڇڏيو! باقي سڀ مان سنڀالي وٺندُس.

---

1...تفسيرِ نعيمى، پاره:1، سورهٔ بقره، زيرِ آيت:11، جلد:1، صفحہ:171۔

ان بي وقوف چغلخور زال جا ڪنَ ايئن ڀريا، پوءِ پنهنجي آقا وٽ آيو ۽ چوڻ لڳو: مون اوهان جي گهرواريءَ کي غير مرد سان ڏٺو آهي، اهي ٻئي اوهان کي قتل ڪرڻ جي چڪر ۾ آهن، چغلخور غلام جي ڳالهه ٻڌي ڪري آقا جي دل ۾ بہ شڪ پيدا ٿيو، رات ٿي، آقا پنهنجي گهر ويو، جڏهن سمهڻ جو وقت ٿيو تہ ائين ئي ڪوڙ ۾ اکيون بند ڪري سمهي رهيو، عورت سمجهيو تہ مڙس ننڊ ۾ آهي، جيئن تہ اها اوزار کڻي ڪري اڳتي وڌي تہ جيئن مڙس جي ڪنڌ جا ڪجهہ وارَ ڪٽي، مڙس سمجهيو تہ هيءَ مونکي قتل ڪرڻ واري آهي، جيئن تہ ان انهيءَ اوزار سان زال کي قتل ڪري ڇڏيو، جڏهن عورت جي رشتيدارن کي خبر پئي تہ انهن مڙس کي قتل ڪري ڇڏيو. پوءِ ان مڙس جي رشتيدارن کي خبر پئي تہ اهي بہ جهيڙي جي لاءِ اچي پهتا، **ايئن هڪ چغلخور جي چغلي جي ڪري تقريباً سئو ماڻهو ماريا ويا.**[1]

هي آهي چغلي جو وبال...!! چغلخوري جي سبب زمين ۾ فساد پکڙجندو آهي، ان ڪري اسان سيني کي گهرجي تہ چغلخوري کان ۽ چغلخورن کان هميشہ بچي ڪري رهون.

## چغلي جي متعلق 3 مبارڪ حديثون

رسولِ اڪرم، نورِ مجسم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: غيبت ڪرڻ، طعنا ڏيڻ، چغلي هڻڻ ۽ ماڻهن جا عيب ڳولڻ وارن کي الله پاڪ (قيامت جي ڏينهن) ڪُتن جي شڪل ۾ اٿاريندو.[2] هڪ حديثِ پاڪ ۾ فرمايائون: خبردار! ڪوڙ چهري کي ڪارو ڪري ڇڏيندو آهي ۽ چغلخوري عذابِ قبر (جو سبب) آهي.[3] هڪ روايت ۾ آهي: غيبت ۽ چغلي ايمان کي اهڙيءَ طرح ڪٽي ڇڏيندي آهي، جهڙيءَ طرح ڌنار وڻ کي ڪٽيندو آهي.[4]

امراض گُناہوں کے مرے سارے مٹادے | یارَبِّ مُحَمَّد مجھے تُو نیک بنا دے

1...احياء علوم الدين،كتاب آفات اللسان، الآفة السادسة عشرة:النميمة ،جلد:3 ،صفحہ:195۔
2...الترغيب و الترهيب ،كتاب الادب ،الترهيب من النميمة،صفحہ:896 ،حديث:10۔
3...مسندِ ابی یعلیٰ ،جلد:5،صفحہ:450 ،حديث:7438۔
4...الترغيب و الترهيب ،كتاب الادب ،الترهيب من الغيبة و البهت ...الخ،صفحہ:902 ،حديث:28۔

مَیں غیبت و چغلی سے رہوں دُور ہمیشہ | ہر خصلتِ بد سے مرا پیچھا تو چھڑا دے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## (3): اعلانيہ گناہ ڪرڻ

منافقن جو ٽيون بُرو عمل جنهن کي فَسَاد فِي الْاَرْض چيو ويو اهو هي هو تہ هي بدبخت اعلانيہ گناهہ ڪندا هئا.[1]

گناهہ جيتوڻيڪ لڪي ڪري هجي يا اعلانيہ هجي، گناهہ آخر گناهہ ئي آهي، البت اعلانيہ گناهہ ۾ هڪ نحوست هيءَ آهي تہ ان ۾ ٻين کي گناهہ جي ترغيب ملندي آهي، هيئن ٻيا بہ ڏسندي هن گناهہ ۾ مبتلا ٿيندا آهن ۽ معاشرو تباهہ ۽ برباد ٿي ويندو آهي. ان ڪري اسان سڀني تي لازم آهي تہ اسان لڪي ڪري بہ هرگز گناهہ نہ ڪيون جو جنهن جي نافرماني لڪي ڪري ڪَري رهيا آهيون، اهو اللّٰه پاڪ تہ ڏسي ئي رهيو آهي. ان سان گڏوگڏ اعلانيہ گناهہ کان بہ خاص طور تي بچون جو اعلانيہ گناهہ صرف گناهہ نہ بلڪ زمين ۾ فساد پڻ آهي.

## نافرماني آفتن ۽ بلائن جو سبب آهي

اللّٰه پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

ظَهَرَ الْفَسَادُ فِي الْبَرِّ وَ الْبَحْرِ بِمَا كَسَبَتْ اَيْدِي النَّاسِ لِيُذِيْقَهُمْ بَعْضَ الَّذِيْ عَمِلُوْا لَعَلَّهُمْ يَرْجِعُوْنَ (۴۱)

(سيپارو: 21، سورت روم: 41 )

ترجمو ڪنزُالعرفان: خشڪيءَ ۽ ترِيءَ ۾ فساد ظاهر ٿي ويو انهن بُرائين جي سبب جيڪي ماڻهن جي هٿن ڪمايون تہ جيئن اللّٰه انهن کي انهن جي ڪجھ ڪمن جو مزو چکائي.

اللّٰه اڪبر! معلوم ٿيو: اللّٰه پاڪ جي نافرماني ۽ گناهن جي سبب زمين ۾ فساد پيدا ٿيندو آهي، قحط پوندو آهي، مينهن وسڻ بند ٿي ويندا آهن، فصلَ تباهہ ٿي ويندا آهن، بلائون پکڙجنديون آهن ۽ خبر ناهي ڪهڙا ڪهڙا فسادَ زمين ۾ ظاهر ٿيندا آهن.

1...تفسيرِ نعيمى ،پاره:1 ،سورة بقره،زيرِ آيت:11 ،جلد:1 ،صفحه:171ـ

# جانور لعنت موڪليندا آهن...!

حضرت مجاهد رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: جڏهن سخت ڏڪار پوندو آهي، مينهن وسڻ بند ٿي ويندا آهن تہ جانور نافرمان ماڻهن تي لعنت موڪليندا آهن ۽ چوندا آهن: **هي ڏڪار انسان جي گناهن جي سبب آهي.**[1]

اي عاشقانِ رسول! غور فرمايو! هن کان وڌيڪ کهڙي ذلت هوندي جو انسان اشرفُ المخلوقات آهي پر جڏهن هي گناه ڪندو آهي، ان جون نافرمانيون حد کان وڌنديون آهن تہ جانور جيڪي اسان کان ڪيئي ڀيرا گهٽ آهن، اهي بہ انسان کي بُرو ڀلو چوندا آهن. معلوم ٿيو: جيڪو نافرمان آهي، **اهو پنهنجي فضيلت پاڻ وڃائي ويهندو آهي ۽ انساني درجي مان ڪِري ڪَري ذلت جي کڏي ۾ وڃي پوندو آهي.**

گناہوں کی نحوست بڑھ رہی ہے دَم بدَم مولا
میں توبہ پر نہیں رہ پا رہا ثابِت قدم مولا
کمر توڑی ہے عصیاں نے، دبایا نفس و شیطاں نے
نہ کرنا حشر میں رُسوا، مرا رکھنا بھرم مولا
گناہوں نے مجھے ہائے کہیں کا بھی نہیں چھوڑا
کرم ہو از طفیلِ سیدِ عرب و عجم مولا(2)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## بيان جو خلاصو

پيارا اسلامي ڀائرو! هي منافقن جا بُرا اعمال آهن: انهن بدبختن جي مت ماري وئي آهي، عقل ۾ خرابي اچي چُڪي آهي هي چڱائي ۽ بُرائيءَ ۾ فرق ڪرڻ جي بہ لائق ناهن رهيا، ڪم اهي ڪندا آهن، جن سان فساد پکڙجندو آهي ۽ چوندا هي آهن تہ اسان فساد مِٽائي رهيا آهيون اسان کي گهرجي تہ ان

1...تفسيرِ بغوی، پاره:2، سورۀ بقره، زيرآيت:159، جلد:1، صفحہ:130۔
2...وسائل بخشش، صفحہ:97۔

عيب کان بچون، هميشہ حقيقت پسند رهون، پنهنجن خيالن، پنهنجن نَظريين ۾ گم رهڻ بدران درست اسلامي تعليمات سکون منافق ماڻهو اللّٰه پاڪ جي نافرمانن، غير مسلمن سان دوستي رکندا هئا، انهن کان بيزاريءَ جو اظهار نہ ڪندا هئا، اسان کي گهرجي تہ اسان بُرن ماڻهن جي بُرائيءَ کان هميشہ نفرت ڪندا رهون منافق چغلي هڻندا هئا، هي بہ زمين ۾ فساد پکيڙڻ جي هڪ صورت آهي اهڙي طرح هي بدبخت اعلانيہ گناهہ بہ ڪندا هئا، اسان کي گهرجي تہ اسان چغلي، غيبت وغيره کان بہ بچون ۽ گناهن جي بُري عادت کان بہ جان ڇڏايون. اللّٰه پاڪ اسان سيني کي عمل جي توفيق نصيب فرمائي. اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## نيڪ اعمال (Naik Amal) موبائل ايپلي ڪيشن

پيارا اسلامي ڀائرو! نيڪ بڻجڻ ۽ نيڪ اعمال ۾ اضافي جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي آئي ٽي ڊيپارٽمنٽ هڪ موبائل ايپلي ڪيشن جاري ڪئي آهي، جنهن جو نالو آهي: نيڪ اعمال **(*Naik Amal*)** هي ايپلي ڪيشن پنهنجي موبائل ۾ انسٽال ڪريو، هن ايپلي ڪيشن ۾: اسلامي ڀائرن، اسلامي ڀينرن ۽ طالبِ علمن جي لاءِ الڳ، الڳ، رسالا موجود آهن ❁ ان کي 6 مختلف زبانن ❁ انگريزي ❁ اردو ❁ هندي بنگالي ❁ گجراتي ۽ ❁ سنڌي ۾ استعمال ڪري سگهجي ٿو ❁ هن ۾ مختلف نيڪ اعمال تي مشتمل سوالات ڏنا ويا آهن ❁ هر سوال جي هيٺ 30 خانا آهن، روزانو پنهنجي مرضي جو ڪو بہ وقت مُقرر ڪري پنهنجي اعمال جو جائزو وٺو، هن جي مطابق زندگي گذاريو، اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! هن جي برڪت سان گناهن کان بچڻ ۽ نيڪيون ڪرڻ جو ذهن بڻجندو، دل جي پاڪيزگي ملندي ۽ ڪردار صاف سٿرو، نکريل نکريل، خوبصورت ٿي ويندو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

بيان کي اختتام ڏانهن آڻيندي، اچو! هڪ شرعي مسئلو ٻڌون ٿا:

# درست ڇا آهي؟

(درست شرعي مسئلو ۽ عوام ۾ مشهور غلطي جي نشاندهي)

**مسئلو:** نمازِ جنازه لاءِ جيڪو وضو ڪيو، انهيءَ وضوءَ سان باقي نمازون بہ پڙهي سگهجن ٿيون. (1)

**وضاحت:** هي هڪ عوامي غلط فهمي آهي تہ ماڻهو سمجهن ٿا: جنهن وضوءَ سان نمازِ جنازه ادا ڪئي هجي ان وضوءَ سان ٻيون نمازون نٿيون پڙهي سگهجن. ائين ناهي. نمازِ جنازه ۽ ٻين نمازن جي وضوءَ ۾ ڪو فرق ناهي. مثال طور، نمازِ ظهر لاءِ جيڪو وضو ڪيو، ان سان نمازِ جنازه بہ پڙهي سگهجي ٿي نمازِ جنازه لاءِ جيڪو وضو ڪيو، انهيءَ سان نمازِ ظهر بہ ادا ڪري سگهجي ٿي. البتہ نمازِ جنازه لاءِ ڪجهه صورتن ۾ پاڻي موجود هوندي بہ تيمم ڪرڻ جي اجازت هوندي آهي، هي تيمم صرف نمازِ جنازه لاءِ ئي آهي، ان تيمم سان ٻيون نمازون نٿيون پڙهي سگهجن. (2)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## اَسْمَاءُ الْحُسنيٰ جون برڪتون (وظيفو)

### يَا رَزَّاقُ

جيڪو بہ نمازِ فجر جي فرض ۽ سنت جي وچ ۾ 41 ڏينهن تائين 550 ڀيرا (يَا رَزَّاقُ) پڙهندو اِنْ شَآءَاللّٰهُ الْكَرِيْم! دولت مند ٿيندو. اللّٰه پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي. اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

[1]...فتاويٰ رضويہ،جلد:3، صفحہ:305بتغير قليل-

[2]...فتاويٰ رضويہ،جلد:3، صفحہ:305بتغير قليل-